# اعليٰ حضرت جون

# پياريون عادتون

**30-AUGUST-2024**



## اجتماعِ يومِ رضا جو بيان

FOR ISLAMIC BROTHERS

اجتماع يوم رضا جو بيان

30 آگسٽ 2024ء (بمطابق: 24ءِ 25 صفرالمظفر جي درمياني رات، 1446ھ) تي

پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اعليٰ حضرت جون پياريون عادتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ.....

*... وظيفي جي صندوقچي(ننڍي پيتي) يا غيبي خزانو

*... غيبي خزانو ماڻڻ جو آسان نسخو

*... اعليٰ حضرت ءِ مسجد جو احترام

*... مُردي کي قبر ۾ پھريون تحفو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِيہ (اسلامک ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتُصَلُّوْا عَلَيَّ الصَّلٰوةَ الْبَتْرَاءَ يعني مون تي اڌورو درود پاڪ نہ پڙهو. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْهُم عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي اڌورو درودِ پاڪ ڇا آهي؟ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تَقُوْلُوْنَ اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَتَمْسِكُوْنَ نامڪمل درود اهو آهي تہ اوهين منهنجي آل تي درود نہ پڙهو ۽ صرف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ تائين پڙهي رڪجي وڃو. پوءِ فرمايو: ان جي بدلي ۾ هيئن پڙهندا ڪيو. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ۔[1]

اُن کے مولیٰ کی اُن پر کروڑوں درود | اُن کے اَصحاب و عِترت پہ لاکھوں سلام
پارہائے صُحُف غنچہائے قُدس | اہلِ بیتِ نبوت پہ لاکھوں سلام [2]

وضاحت: پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ تي الله پاڪ جي طرفان ڪروڙين درود ۽ سندن اصحاب، اهلِ بيت، عزيزن قريبن تي لکين سلام نازل ٿين، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ جا اهلِ بيت آسماني صحيفن جي حصن جهڙا آهن، اهي مقدس پاڪيزه مکڙين جهڙا آهن، انهن تي لکين سلام نازل ٿين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الصواعق المحرقہ،ص146۔

[2] … حدائقِ بخشش، صفحہ:325۔

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وظيفي جي صندوقچي(ننڍي پيتي) يا غيبي خزانو

هڪ پيري جو ذڪر آهي ته اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي خليفي حضرت عبدُالسّلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دعوت تي جبل پور تشريف وٺي ويا. حضرت مولانا عبدُ السّلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ اچي وڏي پليٽ ۾ 1 هزار روپيا رکيو ۽ نذراني طور اعليٰ حضرت کي پيش ڪيو. ان دور ۾ 1 هزار روپيا تمام وڏي رقم هئي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهو نذرانو قبول ڪيو ۽ حاجي ڪفايتُ الله صاحب کي فرمايو ته، ان کي سنڀالي رکو ۽ منهنجي وظيفي جي صندوقچي ڪٽي اچو !!... اها تقريباً هڪ فٽ ڊگهي صندوقچي هئي، جيڪا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سندن پير صاحب کان ملي هئي. ان ۾ لکيل وظيفا رکندا هئا، جيڪي سندن فجر کان پوءِ پڙهندا هئا. ان کان علاوه صندوقچي ۾ نه ڪجهه رکڻ جي جاءِ هئي، نه ئي ڪجهه رکيو ويندو هو.

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

خير! حاجي ڪفايتُ الله صاحب اها صندوقچي پيش ڪئي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي پنهنجي سامهون رکي ڇڏيو، ٿورو ڍڪڻ کٽي پنهنجو ساڄو هٿ اندر وڌو. اللهُ اڪبر...!! ائين لڳندو هو ڄڻ اها صندوقچي نه پر ڪو غيبي خزانو آهي...!! اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان مان پئسا ڪيندا ويندا ها ۽ هڪ هڪ ڪري مولانا عبدُ السلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سيني ملازمن کي ڏيندا رهيا. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڏي سخاوت سان پئسا ورهايا. پوءِ انهيءَ تي بس نه ڪئي بلڪ ❁ مولانا عبدُ السّلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي گهرواري، ❁ انهن جي نُنهن ❁ ۽ سندن ٻارڙين لاءِ زيور به اُنهيءَ ننڍڙي صندوقچي مان ڪڍي عطا فرمايا ۽ ❁ سڀ ڪان ننڍي ٻار لاءِ سُبيل ڪرتو ۽ ٽوپي به اُنهيءَ مان ڪڍي عطا ڪئي. مولانا حسنين رضا خان صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: نه صرف مولانا عبدُ السّلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لاءِ بلڪ خاص خاص سيٺ صاحبان جي ٻارڙين لاءِ به ڪافي زيور سندن اُن صندوقچي مان ڪڍي عطا فرمايا. اسان سڀ حيران هئاسين ته هي زيور اعليٰ حضرت ڪڏهن خريد ڪيا ۽ ڪڏهن هن صندوقچي ۾ رکيا.[1]

کسی کا در دیکھتے نہیں ہیں، کسی سے کچھ مانگتے نہیں ہیں
بڑے غنی ہیں، بڑے سخی ہیں فقیر آقا تری گلی کے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبي خزانا حاصل ڪرڻ جو آسان نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ننڍڙي صندوقچي ۾ هي خزانو ڪٿان آيو؟ ڪيئن آيو؟ هي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪرامت آهي. الحمد لله! الله پاڪ جا ولي اهي هوندا آهن، ❁ جو دنيا ڏانهن نظر ناهن ڪندا ❁ الله پاڪ تي مڪمل

[1] فيضان اعلىٰ حضرت،ص177۔

پروسو رکندا آهن، ❁ انهيءَ ڏانهن پوري توجهه لڳائيندا آهن، ❁ الله پاڪ کان خوب ڊڄندا آهن، ❁ تقويٰ اختيار ڪندا آهن تہ الله پاڪ کين غيب مان اسباب فراهم ڪندو آهي. الله پاڪ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

وَ مَنْ یَّتَّقِ اللّٰهَ یَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًاۙ(۲) وَّ یَرْزُقْهُ مِنْ حَیْثُ لَا یَحْتَسِبُؕ

**(پاره:28، سورة طلاق:2، 3)**

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جيڪو الله کان ڊڄي الله ان لاءِ نڪرڻ جو رستو بڻائي ڇڏيندو. ۽ ان کي اتان کان رزق ڏيندو جتي ان جو گمان بہ نہ هوندو.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دستِ غيب (يعني غيب مان رزق ۽ روزي ملڻ) لاءِ ماڻهو وڏا مشڪل مشڪل وظيفا ڪندا آهن، بلڪ وهمي ڳالهين جي پويان پوندا آهن، جڏهن تہ ان جو سڀ کان اعلىٰ عمل، قطعي عمل، يقيني عمل جنهن جو ابتڙ ممڪن نہ آهي ۽ سيني عملن مان آسان ترين آهي، هي پاڻ الله پاڪ قرآن شريف ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ جيڪو الله پاڪ کان ڊڄي، تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪري، الله پاڪ ان لاءِ هر مشڪل کان نجات جو رستو ڪڍندو آهي ۽ ان کي اتان کان رزق ڏيندو، جتان کان ان جو گمان بہ نہ هوندو[1].

تمہاری شان میں جو کچھ کہوں اُس سے سِوا تم ہو
قسیمِ جامِ عِرفاں اے شَہِ احمد رضا تم ہو
عیاں ہے شانِ صدیقی تمہاری شانِ تَقْوٰی سے
کہوں اَتْقٰی نہ کیوں کر جبکہ خَیْرُ الْاَتْقِیَاء تم ہو
علیمِؔ خستہ اِک ادنٰی گدا ہے آستانہ کا
کرم فرمانے والے حال پر اس کے شہا تم ہو

---

[1] فتاویٰ رضویہ، ج۲۱۔

وضاحت: اي منهنجا پيرو مرشد! اوهان جي شان ۾ جيڪو بہ چوان، اوهان جي شان ان کان گھڻو بلند آهي. اوهان تہ اللّٰہ پاڪ جي معرفت جا جام تقسيم ڪرڻ وارا آهيو. اوهان جي تقوا ڏسي حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ياد تازي ٿي وڃي ٿي. اوهان کي چو نہ سيني کان وڌيڪ متقي ۽ پرهيزگار چوان؟ اوهان تہ مون کي سيني کان وڌيڪ متقي ۽ پرهيزگار لڳو ٿا. هي (عبد) عليم (ميرٺي) اوهان جي در جو هڪ ننڍو فقير آهي، اوهان ئي ان جي حال تي نظرِ ڪرم فرمائڻ وارا آهيو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شاهہ عبدالعليم ميرٺي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو تذڪرو

**پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان منقبت جا جيڪي اشعار ٻڌا اهي اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خليفي اسلام جي مبلغ شاهہ عبدالعليم ميرٺي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا آهن ❁ سندن ديني ۽ دنياوي علم رکڻ وارا ۞ ڪيئي زبانن جا ماهر ❁ 12 کان وڌيڪ ڪتابن جا مصنف ❁ بهترين خطيب ❁ ۽ هڪ ماهر عالمِ دين هئا ❁ سندن تبليغ اسلام جي لاءِ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو ❁ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ڪوششن سان صاحبِ اِقتدارحضرات سميت تقريبًا 50 هزار غيرمسلم مسلمان ٿيا ❁ سندن 1310هہ ۾ هندوستان جي شهر ميرٺ ۾ پيدا ٿيا ۽ 22 ذوالحج الحرام 1374هہ مديني ۾ سندن انتقال ٿيو ❁ ۽ تدفين جنت البقيع ۾ ٿي.** [(1)]

## احسان جو بدلو ڏيندا ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اعلیٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي هن ڪرامت واري واقعي مان بہ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون: (1): اعلیٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ تمام تقوٰي وارا هئا، اللّٰہ پاڪ جو گھڻو قرب رکڻ وارا هئا، تڏهن ئي تہ ربّ رحمٰن جي سندن تي عنايت

[1]... تذڪره اڪابرِ اهلِ سنت،صفحہ: 236تا242ملخصاً.

ٿي ۽ غيبي خزانو کين عطا ڪيو ويو (2): ٻئي اها ڳالهہ بہ سکڻ لاءِ ملي تہ جيڪڏهن ڪو اسان سان نيڪي ڪري تہ اسان کي بہ گهرجي تہ ان جي بدلي ۾ ان سان اجا وڌيڪ نيڪي ڪريون. ڏسو! مولانا عبدالسّلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ هزار روپيا نذرانو پيش ڪيو تہ اعلىٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن کي صرف هڪ هزار واپس نہ ڪيو، بلڪ ❁ مولانا عبدالسّلام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهکي ❁ ان جي اهلِ خانہ کي ❁ ننهن ڏيئرن کي ❁ سيني ملازمن کي روپين، پئسن ۽ زيورن سان مالا مال فرمائي ڇڏيو.سُبۡحٰنَ الله! ان کي سخاوت چوندا آهن!!...

وَ فِیۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ ہر اِک سائل کا حق ٹھہرا
نہیں پھرتا کوئی مَحۡروم ایسے باسخا تم ہو
بھکاری تیرے در کا بھیک کی جھولی ہے پھیلائے
بھکاری کی بھرو جھولی گدا کا آسرا تم ہو

**وضاحت:** اللّٰه پاڪ جي فرمان وَالَّذِيۡنَ فِیۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ (۽ اهي جن جي مال ۾ هڪ معلوم حق آهي) (پاره: 29، سوره معارج: 24) جي مطابق اميرن جي مال ۾ هر محتاج جو حق هوندو آهي. اوهان تہ اهڙا سخي آهيو جو توهان جي دربار مان ڪو بہ سوالي خالي هٿين واپس نہ ويندو آهي. هي (عَبۡدُالۡعَلِيم) تنهنجي در جو فقير پنهنجي جهولي ڦهلائي بيٺو آهي، ان جي جهولي ڀريو ڇو تہ ان جا آسرا صرف اوهان آهيو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري نبي جي هڪ پياري سُنّت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو اسان تي مهرباني ڪري، ڪو تحفو ڏئي، ڪو پلائي سان پيش اچي تہ بدلي ۾ اسان بہ ان کي ڪو تحفو پيش ڪيون بلڪ سنت طريقو اِهو آهي تہ تحفو ڏيندڙ کي ان کان بہ

وڏيڪ تحفو پيش ڪيو وڃي. جي ها، اسان جي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهوئي انداز مبارڪ هوندو هو، جڏهن ڪو سندن خدمت ۾ تحفو پيش ڪندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ان کان وڏيڪ تحفو عنايت فرمائيندا هئا. حديث پاڪ جي مشهور ڪتاب **ترمذي شريف** ۾ آهي ته هڪ اعرابي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ اُٺ جو تحفو پيش ڪيو ته سندن ان کي بدلي ۾ 6 اُٺ تحفي طور عطا ڪيا[1]

ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي ته سامهون واري اسان کي تحفو ته ڏئي ڇڏيو پر هاڻي اسان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه آهي ئي نه، ته هاڻي ڇا ڪريون؟ اهڙي موقعي تي سامهون واري کي دعائون ڏيون ڇوته دعا مؤمن جو هٿيار آهي. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي پائرو! اي عاشقانِ رضا! الحمد للّٰه! اڄ 25 صَفَرُ الْمُظَفر جي رات آهي. اسان جا رهنما، سنّين جا پيشوا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي عرس شريف جي رات آهي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪير آهن؟ ❁ اهي عاشقن جا امام آهن، ❁ سنّين جا امام آهن، ❁ عالمَن جا امام، ❁ عابدن جا امام، ❁ زاهدن جا امام، ❁ تقوٰي وارن جا امام، ❁ فقهاء، مُحدّثين، مفسّرين جا امام آهن، ❁ سندن مجتهد هئا، ❁ مجدد هئا، ❁ مفسّر هئا، ❁ مُحَدّث هئا، ❁ تمام وڏا عالم هئا، ❁ تمام ذهين مفتي هئا، ❁ قرآن جا حافظ هئا ۽ سَڀ کان وڏيڪ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا عاشق هئا.

---

1 …ترمذی،ابواب المناقب …الخ، باب مناقب فی ثقيف…الخ،صفحہ:883، حديث:3947 ملتقطاً۔

| | |
|---|---|
| ایک سچا عاشقِ نورِ مجسم بولیے | ان کو ان کے عہد کا سالارِ اعظم بولیے |
| جن سے ہوں آباد علم و آگہی کی بستیاں | ہیں جنم لیتی کئی صدیوں میں ایسی ہستیاں |
| فضلِ رب العالمین ہوتا ہے جب بے انتہا | تب کوئی بنتا ہے دنیا میں امام احمد رضا |

**10 شوال** 1272 **هجري مطابق** 14 **جون** 1856**ع ۾ هند جي شهر بريلي ۾ سندن ولادت ٿي. ❁ سندن ديني ۽ علمي خاندان جا چراغ هئا. ❁ سندن نالو محمد آهي، جڏهن ته سندن ڏاڏا سائين کيس احمد رضا چئي ڪري سڏيندا هئا، پوءِ سندن انهيءَ نالي سان مشهور ٿي ويا. ❁** 4 **سالن جي عمر ۾ ناظره قرآن ڪريم ختم ڪيو. ❁ صرف** 13 **سال** 10 **مهينا ۽** 4 **ڏينهن جي عمر ۾ ديني تعليم مڪمل ڪئي ۽ پهرين فتوٰي لکيائون. ❁ اندازي طور** 70 **ڪان وڌيڪ علمن ۾ تقريباً** 1000 **ڪتاب لکيائون. ❁ قرآن ڪريم جو ترجموڪنزُالايمان، ❁ فتاوٰی رضويه ❁ حدائق بخشش، سندن علمي ۽ ادبي شاهڪار آهن. ❁ پاڻ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه **ٻه ڀيرا حج جي سعادت حاصل ڪئي. ❁ ٻي ڀيري جڏهن روضهءِ رسول** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **تي حاضر ٿيا ته پياري آقا** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **جاڳندي اکين سان کين پنهنجي ديدار سان نوازيو. ❁ تقويٰ ۽ پرهيزگاري ايتري قدر هئي جو نه صرف فرائض ۽ واجبات جا سختي سان پابند هئا، بلڪ سنن و نوافل ۽ مستحبات ڪي به نه ڇڏيندا هئا. ❁ سندن گهٽ ڪائيندا هئا، گهٽ سمهندا هئا. پاڻ** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه 25 **صفر المظفر** 1340 **هجري مطابق** 1921**ع جمعي جي ڏينهن هن دنيا مان رخصت ٿيا. ❁ سندن مزار بريلي شريف ۾ آهي. ❁** 25 **صفر المظفر تي سڄي دنيا ۾ سندن عرس ملهايو ويندو آهي.**[1]

[1] فيضان امام اہلسنت، خصوصی شمارہ، ص22تا24 ملخصاً بتصرف

| | |
|---|---|
| تُو نے باطل کو مٹایا اے امام احمد رضا | دین کا ڈنکا بجایا اے امام احمد رضا |
| اہلِ سنّت کا چمن سر سبز تھا شاداب تھا | تازگی تُو اور لایا اے امام احمد رضا |
| تُونے باطل کو مٹا کر دین کو بخشی جِلا | سنّتوں کو پھر جِلایا اے امام احمد رضا |
| حشر تک جاری رہے گا فیض مرشد آپ کا | فیض کا دریا بہایا اے امام احمد رضا[1] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سچن سان گڏ تي وڃڻ جو قرآني حڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ اسان کي سچن سان گڏ رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. سيپارو: 11، سورة توبہ آيت: 119 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ (119)

**ترجموڪنزُالعِرفان: "اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو".**

مشهور مفسّرِقرآن، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت ڪريمہ جي تفسير ۾ چيو آهي تہ هن آيت ۾ "صَادِقِيۡن" (يعني سچن) مان 3 قسم جا ماڻهو مراد آهن: (1) صحابہ ڪرام (2) عاشقانِ رسول علماء ۽ (3) اولياء ڪرام.

[2] هاڻي آيت جي معنيٰ هيئن ٿيندي: اي ايمان وارؤ! صحابہ سان گڏ رهو، اي ايمان وارؤ! عالمن سان گڏ رهو، اي ايمان وارؤ! اولياءُالله سان گڏ رهو.

پوءِ هن مقام تي هڪ ٻي ڳالهہ سمجهڻ جي آهي، اها هيءَ تہ "گڏ رهڻ" مان ڇا مراد آهي؟ عموماً ڪنهن سان گڏ رهڻ جا 2 مطلب هوندا آهن:

(1) جسماني طور گڏ رهڻ (2) دلي طور گڏ رهڻ

[1]… وسائلِ بخشش، صفحہ:452۔

[2]…تفسیر نعیمی، پارہ:11، سورۂ توبہ، زیرِ آیت:119، جلد:11، صفحہ:115 ملخصاً۔

يقيناً جسماني طور تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جو قرب حاصل ٿئي، عاشقان رسول علماء ڪرام جي صحبت نصيب ٿئي، اولياء ڪرام جي صحبت نصيب ٿئي تہ بيشڪ اها تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي پر آيت ڪريمہ ۾ صرف جسماني طور گڏ رهڻ مراد نہ آهي بلڪ ان مان مراد آهي: دلي طور صحابہ ڪرام، علماء ۽ اولياء ڪرام سان گڏ رهڻ. مقصد هي آهي تہ "اي ايمان وارؤ! صحابہ سان، علماء سان، اولياء سان ❁ دلي محبت رکو، ❁ جيڪي عقيدا انهن جا آهن، اهي عقيدا اپنايو، ❁ انهن جا جيڪي نظريا آهن، ❁ اهي نظريا اپنايو، ❁ انهن جي تعليمات تي عمل ڪريو، ❁ انهن جهڙا اخلاق اپنايو، انهن جهڙو ڪردار ٺاهيو، ❁ انهن جي سيرت کان روشني حاصل ڪريو، ❁ ظاهر ۽ باطن ۾ هر لحاظ کان انهن سان محبت ڪريو، ❁ هي پاڪيزه حضرات جنهن رستي جا مسافر آهن، توهان بہ ان رستي جا مسافر بڻجو ❁ ۽ جنهن انداز سان انهن زندگي گذاري، توهان بہ انهن کان رهنمائي وٺو ۽ انهيءَ انداز سان زندگي گذاريو! [1]

مجھے اَوْلیا کی محبت عطا کر | تُو دیوانہ کر غوث کا یااِلٰہی [2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

الحمد لله! اسان جا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ بہ ڪامل وليّ آهن، پاڻ بہ سچا تہ سندن عقيدا بہ سچا آهن، سندن نظريا بہ سچا آهن، سندن تعليمات بہ سچي ۽ سندن هر ادا بہ سنتِ رسول سان پريل ۽ سچي رستي جي نشاني آهي.

جن کی ہر ہر ادا سنّتِ مصطفیٰ | ایسے پیر طریقت پہ لاکھوں سلام

اچو! قرآني حڪم تي عمل ڪرڻ جي نيت سان هڪ ڪامل وليّ جون ڪجهہ مبارڪ عادتون ٻڌون ٿا ۽ نيت ڪيون ٿا تہ اسين بہ انهن نيڪ عادتن کي اپنائي ڪري پنهنجي زندگي سنوارڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

---

[1]... تفسیر نعیمی، پارہ:11، سورۂ توبہ،زیرِ آیت: 119، جلد:11، صفحہ:115 بتصرف۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:106۔

## سنت جا پابند

پيارا اسلامي پائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مقدس عادتن جي هڪ خصوصيت اها آهي ته سندن پنهنجي زندگي جي بنياد سنتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رکيل هئي، هر هر ڪم ۾ سنت کي اپنائڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمائيندا هئا ۽ ڪهڙي ڪهڙي انداز ۾، ڪهڙي ڪهڙي حالات ۾ سنتن تي عمل ڪندا هئا؟ ٻڌو! سيّد ايوب علي صاحب جو بيان آهي: هڪ ڏينهن فجر جي نماز جو وقت هو، ماڻهو جماعت جي انتظار ۾ ويٺا هئا، خلافِ عادت اڄ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي اچڻ ۾ ڪجهه دير ٿي وئي، سڀني جون نظرون سندن گهر جي طرف لڳل هيون. انهيءَ دوران پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جلدي جلدي تشريف کڻي آيا. ان وقت مولانا قناعت علي مون کي چوڻ لڳا: هن تنگ وقت ۾ ڏسڻو آهي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ساڄو قدم مسجد ۾ پهريان رکن ٿا يا کاٻو...!! هاڻي اسان جون نظرون سندن پير مبارڪ جي طرف هيون. سُبْحٰنَ الله! قربان وڃو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سنتن سان محبت ڪهڙي نرالي هئي، ❁ هاڻي مسجد جي ڏاڪڻ تي جڏهن پير مبارڪ پهچندو آهي ته ساڄو، ❁ مسجد جي فرش تي پير پهچندو آهي ته به ساڄو،❁ فرش جي هڪ حصي کان ٻئي حصي تي پير پهچندو آهي ته به ساڄو، ❁ اڳتي مسجد جي صحن ۾ هڪ صف وڇايل هئي، ان تي پير پهچندو آهي ته به ساڄو ۽ انهيءَ تي بس ناهي، هر صف تي پهريان ساڄو پير ئي رکيو، ❁ ايستائين جو محراب ۾ تشريف کڻي آيا، ❁ مصلي تي به پير رکيو ته پهريان ساڄو ئي پير رکيو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! سنت ته اها آهي ته جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو ته پهريان ساڄو قدم اندر رکو. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سنت سان محبت ڏسو

---

[1]...فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحه:120 بتصرف۔

تہ ڪيتري بہ جلدي هجي، بظاهر بي خيالي جو گھٽو امڪان هجي پر ❁ سندن جي سوچن تي، سندن عادتن، سندن خيالن تي هر وقت سنت جو تصور ڇانيل هوندو هو. اهڙي جلدي جي حالت ۾ بہ مسجد جي هر حصي تي ساڄي قدم سان ابتدا ڪندا هئا.

ڪاش! اسان کي بہ مسجد جو اهڙو ادب نصيب ٿي وڃي. افسوس! اڄڪلھ تہ حالتون تمام گھڻيون خراب ٿي ويون آهن، ماڻهو مسجد جو احترام تمام گھٽ ڄاڻن ٿا. ❁ مسجد ۾ داخل ٿيڻ جون سنتون ڪھڙيون آهن؟ ❁ مسجد مان ٻاهر نڪرڻ جون سنتون ڪھڙيون آهن؟ مسجد ۾ رهڻ جون سنتون ڪھڙيون آهن؟ تمام گھٽ ماڻهن کي ان جي ڄاڻ هوندي آهي، پوءِ حالات بہ ڏسو! ❁ ڪو مسجد ۾ ڳالهيون ڪري رهيو آهي، ❁ ڪو ڏاڍيان ڳالهائي رهيو آهي، فضول ڳالهين ۾ لڳل آهن، ❁ ميوزيڪل ٽون مسجد جي اندر وڄي رهيون آهن. الحمد للہ! مسجد شيطان کان بچڻ جو مضبوط قلعو آهي، پر افسوس! اسان سنت نہ اپنائينداسين تہ هتي بہ نفس ۽ شيطان جي چنبي ۾ ڦاسي وينداسين. افسوس! ❁ هاڻي تہ مسجدن ۾ لڙائي جهيڙا بہ ٿي وڃن ٿا، ❁ غيبتون بہ ٿين ٿيون، ❁ چغليون بہ ٿين ٿيون ❁ ڪرڻ وارا ڪل پوڳ بہ ڪري وڃن ٿا. حديث پاڪ پڙهو! ۽ سوچيو، عبرت وٺو تہ اهو ڪيترو وڏو گناهہ آهي.

## انهن کي الله پاڪ سان ڪو ڪم ناهي

آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو مسجدن ۾ دنيا جون ڳالهيون ٿينديون، توهان انهن سان گڏ نہ ويهو ڇو تہ انهن کي الله پاڪ سان ڪو ڪم ناهي[1].

## مباح ڳالهيون نيڪين کي کائي ڇڏينديون آهن

حضرت ملا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: اَلْكَلَامُ الْمُبَاحُ فِي الْمَسْجِدِ مَكْرُوْهٌ يَا كُلُ الْحَسَنَاتِ يعني مسجد ۾ مباح (يعني جائز) ڳالهہ ڪرڻ مڪروہ آهي ۽ نيڪين کي کائي

[1]… شُعَبُ الايمان ، باب فی الصلوات، فصل المشی الی المسجد، جلد:3، صفحہ:87، حديث:2962۔

ڇڏيندي آهي.[1]

آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلضِّحْكُ فِی الْمَسْجِدِ ظُلْمَةٌ فِی الْقَبْرِ يعني مسجد ۾ ٽهڪ ڏيڻ قبر ۾ اونداهي (آڻي) ٿو[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي مسجد جو احترام ڪرڻ گهرجي. ❁ مسجد الله پاڪ جو گهر آهي، ❁ عبادت جي جاءِ آهي، ❁ الله پاڪ جي ياد ۾ گُم ٿيڻ، ❁ دنيا کان ڪٽجي پنهنجي رب جي طرف دل لڳائڻ جي جاءِ آهي. ❁ اهڙي مقدس، ❁ اهڙي پاڪ ❁ ۽ انتهائي بلند مرتبه جاءِ تي اچي به جيڪڏهن اسين گناهه ئي ڪنداسين، بي ادبيون ئي ڪنداسين ته سڌرڻ ڪٿي وڃي نصيب ٿيندو؟ ان لاءِ مسجد جي احترام جي عادت بڻايو.

## اعليٰ حضرت ۽ مسجد جو احترام

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت مبارڪ اها هئي ته جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا ته هميشه ساڄو قدم پهريان رکندا هئا. ٻاهر نڪرندي وقت پهريان کاٻو قدم جتيءَ تي رکندا هئا، پوءِ ساڄي پير ۾ جُتي پائيندا هئا (ته جيئن سنت مطابق عمل ٿئي). ❁ جڏهن به مسجد ۾ تشريف آڻيندا هئا ته هميشه وچين دروازي کان داخل ٿيندا هئا. بعض اوقات مسجد شريف ۾ پنڌ ڪندي وردَ ۽ وظيفه پڙهندا هئا ته اتر کان ڏکڻ ۽ ڏکڻ کان اتر طرف هلندا هئا، ۽ انداز مبارڪ اهڙو هوندو هو جو اتر کان ڏکڻ طرف يا ڏکڻ کان اتر طرف ڦرڻ وقت ڪعبي طرف پٺي نه ٿيندي هئي ❁ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مسجد جي فرش تي کُڙي ۽ آڱوني تي هلندا هئا ۽ ٻين کي به نصيحت ڪندا هئا ته مسجد جي فرش تي هلندي آواز پيدا نه ٿيڻ گهرجي. ❁ هڪ صاحب، جن کي نواب صاحب چيو

---

[1] (مرقاةالمفاتيح ج ٢ص۴۴٩) ۔

[2] ... جامع صغير، صفحه:322، حديث:5231۔

ويندو هو، مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ آيو ۽ بي پرواهيءَ سان پنهنجي لٺ مسجد جي فرش تي ڦٽي ڪري ڇڏي، جنهن جي آواز حاضرين ٻڌي. اعليٰ حضرت فرمايو: "نواب صاحب! مسجد ۾ زور سان قدم رکي هلڻ به منع آهي، پوءِ ڪٿي لٺ کي ايترو زور سان ڦٽو ڪرڻ؟" نواب صاحب واعدو ڪيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!! آئنده ائين نه ٿيندو. (1)

| | |
|---|---|
| آنے دیتے تھے تساہل کو نہ دینی کام میں | کیونکہ بے حد سخت تھے وہ شرح کے احکام میں |
| باجماعت کرتے مسجد میں نمازیں وہ ادا | سردی ہو، گرمی ہو، چاہے دور ہو برسات کا |
| گھر سے اکثر جایا کرتے تھے وہ فرما کر وضو | بیٹھتے تھے باادب مسجد کے اندر قبلہ رُو |

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي به مسجد جي اَدب ۽ احترام جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ساڄي هٿ سان ڏيندا ۽ وٺندا هئا

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي عادت مبارڪ هئي ته هميشه ساڄي هٿ سان ئي ڪجھ ڏيندا ۽ وٺندا هئا. مَلِڪُ العُلماء، خليفو ۽ اعليٰ حضرت جو شاگرد مفتي سيد محمد ظفرالدين ٻهاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب "حياتِ اعليٰ حضرت" ۾ لکن ٿا: جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻي هوندي هئي، ۽ ان وٺڻ لاءِ کابو هٿ اڳتي وڌايو، ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فوراً پنهنجو مبارڪ هٿ روڪي ڇڏيندا ۽ فرمائيندا هئا "ساڄي هٿ سان وٺو، کابي هٿ سان شيطان وٺندو آهي. (2)

---

[1]…فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحہ:121۔

[2]… حیاتِ اعلیٰ حضرت،جلد:1، صفحہ:189۔

سنّتِ نبوی کا تھا اِظہار یہ اِک اِک عمل ۔۔۔ وہ نِفاذِ شرعِ اسلامی میں کرتے تھے پہل
اَلغَرَض، وہ تھے صفاتِ عالیہ سے مُتَّصِف ۔۔۔ اُن کا ہر سیرت نگار اِس کا رہا ہے مُعْتَرِف
اصل میں وہ تھے تَصَوُّف اور طریقت کے امیں ۔۔۔ پھر نہ کیوں اُن کی ہستی قابلِ صد آفریں
تھا نہ تھوڑا بھی تَضاد اقوال اور افعال میں ۔۔۔ سنتِ نبوی کی کرتے پیروی ہر حال میں

## ساڄي هٿ سان ڏيڻ وٺڻ جي عادت ٺاهيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ڪجهه نه ڪجهه گهرجي ته ڪجهه ٻه وٺڻو هجي يا ڏيڻو هجي، ڪو به عزت وارو ڪم هجي، ساڄي هٿ سان ڪرڻ جي عادت بڻايون. حضرتِ ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي، ساڄي هٿ سان پيئي، ساڄي هٿ سان وٺي، ۽ ساڄي هٿ سان ڏي، ڇوته شيطان کابي هٿ سان کائيندو، کابي هٿ سان پيئندو، کابي هٿ سان ڏيندو ۽ کابي هٿ سان وٺندو آهي.[1]

حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون ته، "نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان وضو ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا ۽ ائين ئي ڪنگو به ساڄي طرف کان ڪندا هئا، ايستائين جو نعلين شريفين(جوتا) به جڏهن پائڻ جو ارادو فرمائيندا هئا ته پهريان ساڄو قدم جوتي ۾ داخل فرمائيندا هئا".[2]

صرف هي ٽي ڪم ئي نه بلڪ جيترا به عزت ۽ تڪريم وارا ڪم آهن، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ساڄي طرف کان ئي شروع ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا. تنهنڪري ❁ لباس پائڻ، ❁ مسجد ۾ داخل ٿيڻ، ❁ مٿي ۽ مُڇين وغيره جا وار ڪٽڻ ❁ مسواڪ ڪرڻ، ❁ ننهن ڪٽڻ، ❁ اکين ۾ سرمو وجهڻ، ❁ ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ يا وٺڻ، ❁ کاڌو پيتو وغيره وغيره ڪم ساڄي هٿ سان ڪرڻ

[1] ... ابن ماجه، ڪتاب الاطعمه، باب الاکل باليمين، صفحه:532، حديث:3266۔

[2] ... شمائل محمديه، باب ماجاء فی نعل رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّمَ، صفحه:189، حديث:85 ۔

گهرجن.[1]

## ساڄي هٿ سان کاڌو کائيندا ڪيو!

❀ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جڏهن ڪو کاڌو کائي تہ ساڄي هٿ سان کائي ۽ پاڻي پيئي تہ ساڄي هٿ سان پيئي.[2] حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ڪو بہ شخص کاٻي هٿ سان کاڌو نہ کائي ۽ نہ پيئي، ڇو تہ کاٻي هٿ سان کائڻ ۽ پيئڻ شيطان جو طريقو آهي.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا جي ذڪر کي پسند نہ فرمائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ پياري عادت مبارڪ اها بہ هئي تہ هميشہ ديني ڪمن ۽ آخرت جي فائدي وارين ڳالهين ۾ ئي مشغول رهندا هئا. دنيا جي طرف دل لڳائڻ، ان طرف توجهہ ڪرڻ تہ تمام پري جي ڳالهہ آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مجلس مبارڪ ۾ دنيا جو ذڪر بہ پسند نہ فرمائيندا هئا. صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: جمعي کان پوءِ حاضرين جي هڪ وڏي جماعت موجود رهندي هئي، ❁ عام طور تي ديني ڳالهيون پڇندا هئا ۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جواب ڏيندا هئا، ❁ يا ڪنهن حديث يا آيت جي متعلق بيان فرمائيندا هئا، ❁ ڪڏهن اولياء ڪرام جا واقعا بيان فرمائيندا هئا. حاضرين مان ڪو بہ شخص اهو نٿو چئي سگهي تہ مون اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَي کي دنيا جي ڳالهين ۾ گفتگو ڪندي ڏٺو،

---

[1]... رہنمائے جدول،صفحہ:210، 211 ۔

[2]... مسلم، کتاب الاشربہ، باب اداب الطعام...الخ، صفحہ:803، حدیث:2020۔

[3]... مسلم، کتاب الاشربہ، باب اداب الطعام...الخ، صفحہ:803، حدیث:2020۔

هميشه کو نه کو ديني تذڪرو ئي ٿيندو هو. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي پياري ادا آهي. دنيا ان قابل آهي ئي ڪونه ته ان جي ڳالهه ڪجي، الله وارا آخرت جا طلبگار هوندا آهن، تنهنڪري ديني ۽ اُخروي ڳالهيون ئي ڪندا آهن. افسوس! اڄڪلهه ته ڳالهين جو موضوع صرف دنيا، دنيا ۽ دنيا ئي رهجي ويو آهي. ڪنهن وٽ ويهو ته ❁ ڪو حڪومتن جا تذڪرا ڪرڻ لڳي ٿو ❁ ڪو اوير ۾ ويهي اولهه جا قصا ڇيڙي ٿو ❁ ڪو حالتن جو روئڻ روئي ٿو ❁ ڪو پنهنجي دنياوي ڪاميابين ۽ ڪارنامن جون ڪهاڻيون ڪڍي ويهي ٿو. ڪاش! اسان کي فڪرِ آخرت ملي وڃي.

## ذڪر ته ڪنهن شيءِ جو ڪيو ويندو آهي

هڪ ڀيرو ڪنهن شخص حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون دنيا جو تذڪرو ڪيو ته فرمايائون: "قابلِ قدر شيءِ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ڪا حيثيت ئي نه هجي، ان جو ذڪر ناهي ڪيو ويندو". (2)

معلوم ٿيو ته دنيا جي ذڪر کان بچڻ ئي بهتر آهي، ان جي جاءِ تي ذڪرُ الله ڪريو! سبحان الله، الحمدلله وغيره جي تسبيح ڪريو، ڇو ته ان سان ثواب ملندو[3].

ذکر و درود ہر گھڑی وِردِ زباں رہے | میری فضول گوئی کی عادت نکال دو (4)

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه دعائون ڪندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ نرالي عادت مبارڪ ٻڌو! اعليٰ حضرت امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هر مسلمان لاءِ انتهائي شفيق هئا،

---

[1]... فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحه: 174۔

[2]...تاريخ الاسلام للذہبی، جلد:4، صفحه:548۔

[3] تاريخ الاسلام للذهبی، الطبقة الثامنة عشرة،٤١٥٠-رابعة العدوية، ٥٤٨/٤

[4]...وسائلِ بخشش، صفحه:245۔

چاهي پنهنجو هجي يا پرايو، سيني لاءِ شفقت ۽ خيرخواهي جو عظيم جذبو رکندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجن غلامن جو اهڙو خيال رکندا هئا جو سندن پنهنجي ❁ عزيزن ❁ قريبن، ❁ چاهيندڙن ۽ ❁ خاص خاص مريدن جي نالن جي هڪ ڊگهي لسٽ ٺاهي هئي. فجر جي نماز کان پوءِ پنهنجي اوراد ۽ وظائف جي آخر ۾ انهن سيني لاءِ نالي سان دعا کندا هئا. ماڻهن کي اها تمنا هوندي هئي ته انهن نالو به هن لسٽ ۾ شامل ٿي وڃي. سيد ايوب علي صاحب ارشاد فرمائن ٿا ته: هڪ ڏينهن مان تمام پريشان هئس، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهه ۾ دعا لاءِ عرض ڪيم. سندن دعا فرمائي ۽ گڏوگڏ مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ سيد قناعت علي کي فرمايو: 'توهان ٻنهي جا نالا به مون دعا جي لسٽ ۾ شامل ڪيا آهن جيڪا آهستي آهستي تمام ڊگهي ٿي وئي آهي. اهي سيئي نالا مون کي زباني ياد آهن، روزانو نالي سان سيني لاءِ دعا ڪندو آهيان.' (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙي پياري ادا آهي...! اسان ٿورو پنهنجي پاڻ تي غور ڪريون، گهڻو پري وڃڻ جي ضرورت ناهي، ڪنهن ڏينهن بس پنهنجي موبائل جو جائزو وٺو! موبائل مان (**Contact List**)کوليو! ڏسو! ان ۾ ڪيترن ماڻهن جا نمبر محفوظ آهن، يقيناً جن جو نمبر محفوظ آهي، ڪنهن نه ڪنهن وقت توهان جو انهن سان ڪجهه تعلق ضرور رهيو هوندو. هاڻي ٿورو غور ڪيو! جڏهن اسين نماز پڙهون ٿا، پنهنجي رب جي حضور دعا لاءِ هٿ مٿي کڻون ٿا، اسين پنهنجي لاءِ تمام گهڻو ڪجهه گهري رهيا هوندا آهيون، مثلاً ❁ موليٰ! مون کي دنيا جون ڀلايون به عطا فرماءِ ❁موليٰ! مون کي آخرت جون ڀلايون به عطا فرماءِ ❁ موليٰ! منهنجي گهر ۽ ٻارن جو ڀلو ڪر❁ اي ربِ ڪريم! منهنجي ٻارن جي خير فرماءِ ❁منهنجي اهل و عيال جي خير فرماءِ.

ڪڏهن غور ڪيو! هي جيڪي اسان جي موبائل ۾ ايترا نمبر محفوظ آهن، انهن ۾ اسان جي ڀائرن جا نمبر آهن، عزيز رشتيدارن جا نمبر آهن، دوست

---

[1]... فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحه:180.

احباب جا نمبر آهن. ڇا ڪڏهن اسان انهن ماڻهن لاءِ بہ دعا ڪئي آهي؟ ڇا ڪڏهن دعا جي وقت انهن ماڻهن جو خيال اسان کي آيو آهي؟ هي گهڻو پري جي ڳالھ ناهيان ڪري رهيو، هي اهي ماڻهو آهن جن سان اسان جو ڪٿي نہ ڪٿي تعلق آهي يا رهيو آهي. اسان انهن لاءِ بہ دعا ناهيون ڪندا. اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه جي شان ڏسو! سندن پنهنجي عزيزن، دوستن، ۽ ايسنائين جو پنهنجي مريدن جي نالن جي بہ هڪ لسٽ ناهي آهي ۽ قربان وڃون! فرمائن ٿا: "اهي سيئي نالا مون کي زباني ياد آهن ۽ مان روزانو نالن سان انهن لاءِ دعائون ڪندو آهيان.

## مسلمانن جي لاءِ دعا ڪندا ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ دعائون ڪندا ڪيون، ان جي عادت بڻايون. اسان جي آقا ۽ موليٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مسلمان مردن ۽ عورتن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري، اللہ پاڪ ان کي هر مسلمان مرد ۽ عورت جي عيوض هڪ نيڪي عطا فرمائيندو.[1]

سُبْحٰنَ اللہ! اندازو لڳايو! حضرت آدم عليه السلام کان وٺي اڄ تائين اربين، کربين مسلمان دنيا ۾ اچي چڪا آهن. صرف ايتري دعا ڪرڻي آهي: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِيْ وَ لِكُلِّ مُؤْمِنٍ وَمُؤْمِنَةٍ (ياالله پاڪ! منهنجي ۽ سڀني مسلمان مردن ۽ عورتن جي مغفرت فرماءِ). ان دعا جي برڪت سان، اِنْ شَآءَ اللہُ الْكَرِيْم! اربين کربين نيڪيون هٿ اچي وينديون. الله پاڪ توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنازي ۾ ڪثرت سان دعا گهرندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت، امام اهلسنت رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه دردمند دل رکندا هئا، پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه اڪثر جنازن ۾ شرڪت ڪندا هئا ۽ ميت سان همدرديءَ جو اظهار

---

[1]...جامع صغير، صفحہ:513، حديث:8419۔

اهڙيءَ طرح ڪندا هئا جو جنازي جي دوران ۽ جنازي کان بعد ميت لاءِ ڪثرت سان دعا گهرندا هئا. منقول آهي: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جنهن خوش قسمت جي جنازي جي نماز پڙهائيندا هئا، تہ حاضرين کي ايئن محسوس ٿيندو هو ڄڻ سندن پنهنجي زوردار شفاعت سان ان جي مغفرت ڪرائي رهيا آهن ۽ تمام دير تائين جنازي جي نماز پڙهندا هئا. ظاهري سبب ان دير جو اهو هوندو هو تہ اهي سڀ دعائون جيڪي حديثن ۾ آيون آهن، سڀ پڙهندا هئا. (1)

## ڪاش! هو منهنجو جنازو پڙهائن

هڪ سيد صاحب هئا، هُو فرمائيندا هئا: هر انسان کي پنهنجي زندگي تمام پياري هوندي آهي ۽ مون کي بہ پنهنجي زندگي تمام پياري آهي پر صرف ان سبب ڪري تہ اعليٰ حضرت منهنجي جنازي جي نماز پڙهائي مون کي بخشرائن. مان چاهيان ٿو تہ منهنجو انتقال اعليٰ حضرت جي زندگيءَ ۾ ٿئي ۽ سندن منهنجي جنازي جي نماز پڙهائين، جيڪا منهنجي مغفرت ۽ بخشش جو سبب بڻجي. (2)

## بخشش جو سبب ڇا بڻيو......؟

بريلي شريف ۾ نواب عزيز احمد نالي هڪ صاحب رهندو هو. انهن جي زندگي بظاهر نيڪ عمل ڪندي نہ گذري هئي، جڏهن سندن انتقال ٿيو تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن جي جنازي جي نماز پڙهائي. بعد ۾ نواب عزيز احمد صاحب جي زال کين خواب ۾ ڏٺو. ڇا ڏسن ٿيون تہ نواب صاحب تمام سٺي حالت ۾ آهن. بيبي صاحبہ پڇيو: توهان جي بخشش جو سبب ڪهڙو ٿيو؟ نواب صاحب چيو: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه منهنجي جنازي جي نماز پڙهائي ۽ ايتريون دعائون ڪيائون جو منهنجا سڀ گناهہ بخشرائي ڇڏيائون! (3)

---

[1]… فيضان اعلیٰ حضرت، صفحہ:181۔

[2]… فيضان اعلیٰ حضرت ، صفحہ:181۔

[3]… فيضان اعلیٰ حضرت، صفحہ:181۔

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو...!!

| | |
|---|---|
| مصطفیٰ کا دُلارا ہمارا رضا | غوثِ اعظم کا پیارا ہمارا رضا |
| جس کو سب اچھے کہتے ہیں اچھے میاں | ہے اس اچھے کا اچھا ہمارا رضا |
| غم نہیں حشر سے مجھ کو کچھ اے محبؔ! | ہے مدد کرنے والا ہمارا رضا |

## ڇا اسان جنازي جي نماز سکي ورتي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! سکڻ جي ڳالهه آهي...! حديثن ۾ جنازي نماز جون جيڪي به دُعائون ذکر ٿيل آهن، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سڀئي زباني ياد هيون ۽ جڏهن پاڻ جنازي نماز پڙهائيندا هئا ته ميت جي خير خواهي ڪندي، اهي سڀئي دُعائون پڙهندا هئا.

هاڻي غور ڪريو: ۞ ڇا اسان کي جنازي نماز جي صرف هڪ دعا ياد آهي؟ ۞ جنازي نماز ۾ فرض ڪيترا آهن؟ ۞ ان جو رڪن ڇا آهي؟ ۞جنازي نماز جي نيت ڪيئن ڪندا آهن؟ ۞ جنازي نماز واري ثناء ڪهڙي آهي؟ ۞جنازي نماز وارو درودِ پاڪ ڪهڙو آهي؟ ۞ بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا ڪهڙي آهي؟ ۞ نابالغ ٻار ۽ ٻارڙي جي جنازي واري دعا ڪهڙي آهي؟ ڇا هي سڀ ڪجهه اسان کي معلوم آهي؟ افسوس! اسان دين کان ايترو پري ٿي ويا آهيون جو اڄ گهڻن مسلمانن کي جنازي نماز جو طريقو نه ٿو اچي، عموماً جڏهن جنازي نماز پڙهندا آهن ته امام صاحِب ان جو طريقو ٻڌائيندا آهن پر ٻئي پيري وري وسري ويندو آهي.

توهان کي خبر آهي؟ جنازي نماز فرضِ ڪفايه آهي. ڪٿي ميت ٿي، جيڪڏهن ڪنهن هڪ به ان جي جنازي جي نماز پڙهي ورتي، تڏهن ته سڀني جو فرض لهي ويو ۽ جيڪڏهن ان جي جنازي نماز نه پڙهي وئي ته جنهن جنهن تائين اطلاع پهتو، سڀ گنهگار ٿيندا. (1)

---

[1]...بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:825، حصہ:4۔

# مُردي کي قبر ۾ پهريون تحفو

پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪنهن پڇيو: مؤمن جڏهن قبر ۾ داخل ٿيندو آهي ته ان کي پهريون تحفو ڪهڙو ڏنو ويندو آهي؟ ته ارشاد فرمايائون: ان جي جنازي نماز پڙهندڙن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي. (1)

رسولِ عربي، مکي مدني صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ڪو جنتي شخص فوت ٿيندو آهي، ته الله پاڪ حيا ڪندو آهي ته انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي جنازي پنيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا ڪئي.[2] هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص (ايمان جي تقاضا سمجهي ڪري ۽ ثواب جي نيت سان) پنهنجي گهر مان جنازي سان گڏ هلي، جنازي جي نماز پڙهي ۽ دفن ٿيڻ تائين جنازي سان گڏ رهي ان لاءِ ٻه قيراط ثواب آهي، جن مان هر قيراط اُحد (جبل) جي برابر آهي ۽ جيڪو شخص صرف جنازي جي نماز پڙهي واپس اچي ته ان لاءِ هڪ قيراط ثواب آهي. (3)

ڏسو! هي ڪيترا پيارا پيارا فضائل آهن، جنازي نماز پڙهڻ جون ڪيتريون نيڪيون آهن...!! اسان ڪنهن جي جنازي نماز پڙهون، ڇا خبر ته اهو جنتي هجي ۽ ان جي صدقي اسان ٻه بخشيا وڃون...!! پر افسوس! اسان کي ته جنازي نماز پڙهڻ ئي نه ٿي اچي، اسان کي ته جنازي نماز جون دعائون ئي ياد ناهن. پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي اهي ڳالهيون سکڻيون آهن! اسان الحمد لله! مسلمان آهيون ۽ مسلمان لاءِ ته هي سڀ کان بنيادي ڳالهيون آهن. ۞ وضو جو طريقو اسان کي ايندو هجي ۞وضو جا فرض اسان کي معلوم هجن ۞وضو جون سنتون معلوم هجن ۞نماز جو طريقو ايندو هجي ۞نماز جا فرض ۽ واجبات اسان کي ايندا هجن ۞درست تجويد ۽ قراءَت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ اسان سکيو هجي ۞جنازي نماز اسان کي ايندي هجي ۞سُمهڻ جاڳڻ ۞کائڻ

---

1 ... شُعَبُ الْاِيمان ، باب فی الصلاة على من مات...الخ، جلد:7، صفحه:7، حديث:9257۔

2 اَلْفِردَوس بِمأثور الْخطاب ج۱ص۲۸۲حدیث۱۱۰۸۔

3 ...مسلم، ڪتاب الجنائز، باب فضل الصلاة على الجنازة و اتباعہا، صفحه:340، حديث:945۔

پيئڻ ۞گهر ۾ اچڻ ۞گهر کان نڪرڻ وغيره جون ڪجهه بنيادي سنتون بہ اسان کي ياد هجڻ گهرجن.

چا مان توهان کي اهو سڀ ڪجهه سکڻ جو هڪ آسان طريقو ٻڌايان؟ الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي هر وقت اسان کي دين سيکارڻ لاءِ مصروف آهي. عاشقانِ رسول ۞ مسجدن ۾ ۞ دڪانن تي ۞ فيڪٽرين ۾ ۞ اسڪولن ۽ ڪاليجن وغيره ۾ مدرسةالمدينہ بالغان لڳائيندا آهن .۞مدرسة المدينہ بالغان ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي قرآنِ ڪريم درست تجويد ۽ قراءَت سان پڙهايو ويندو آهي ۞ وضو، غسل، نماز ۽ جنازي نماز جا احڪام ۽ مسئلا سيکاريا ويندا آهن ۞ سنتون بہ ٻڌايون ويندون آهن ۽ ۞ ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي ۞حديثِ پاڪ ۾ آهي: "توهان مان بهتر اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ سيکاري. [(1)] ۞ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: "جنهن شخص قرآنِ ڪريم سکيو، سيکاريو ۽ جيڪو ڪجهه قرآنِ ڪريم ۾ آهي، ان تي عمل ڪيو، قرآنِ ڪريم ان جي شفاعت ڪندو ۽ جنت ۾ وٺي ويندو. [(2)]

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ئي پنهنجي ويجهو ڪٿي لڳندڙ مدرسة المدينہ بالغان جي معلومات وٺو! ۽ ان ۾ شرڪت جي عادت ٺاهيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! ولين جو فيضان نصيب ٿيندو، سنتون سکندا ۽ سڄي دنيا ۾ سنتن جو پيغام عام ڪرڻ وارا بڻجي ويندا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون چند وڏيڪ سٺيون عادتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجهه سٺيون ۽ پياريون عادتون ٻڌيون، اچو تہ مختصر مختصر ڪجهه اجا وڏيڪ مبارڪ عادتون ٻڌون تا: ۞اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مذاق مسخري نہ ڪندا هئا ۞جڏهن اُٻاسي ايندي

---

[1]... بخاری، کتاب فضائل القرآن، باب خیرکم من ...الخ، صفحہ:1299، حدیث:5027۔

[2]...کنزالعمال، کتاب الاذکار، الباب السابع فی تلاوۃ القرآن ...الخ، جلد:1، جز:1، صفحہ:266، حدیث:2373۔

هئي ته آگر ڏندن ۾ وجهي وٺندا ۽ ڪا به آواز نه ڪيندا هئا ۞ گرڙي ڪندي وقت ڪابو هٿ ڏاڙهي جي وارن تي رکي مٿو جهڪائي پاڻي واٽ مان ڪيندا هئا ۞ ڪعبي ڏانهن رخ ڪري نه ٿُڪندا هئا ۞ قبلي طرف پير نه ڊگهيڙيندا هئا ۞ نمازون عمامو پائي پڙهندا هئا ۞ مسواڪ ڪندا هئا ۞ سندن ظاهر ۽ باطن هڪ جهڙو هوندو هو، جيڪو دل ۾ هوندو هو، اهوئي زبان تي آڻيندا هئا، جيڪو زبان سان چوندا هئا، ان تي عمل به ڪندا هئا ۞ دين جي معاملي ۾ ڪنهن جي رعايت (لِحاظ)نه فرمائيندا هئا ۞ سندن غير مسلمن جي حق ۾ تمام سخت پر سُنّي عاشقانِ رسول جي حق ۾ تمام شفيق ۽ نرم دل هئا ۞ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام سان ملاقات ٿيندي هئي ته ڏسي خوش ٿيندا ۽ انهن جي وڏي عزت ڪندا هئا ۞ڪوبه صاحب بيت الله شريف جو حج ڪري سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ته انهن کان پهريان اهو پڇندا هئا ته سيدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضري ڏني؟ جيڪڏهن هو ها چوندا هئا ته فوري طور انهن جا قدم چمندا هئا .۞ ميلادِ مصطفيٰ جي محفل ۾ اول کان آخر تائين دو زانو (يعني التحيات جي صورت ۾) ويٺل رهندا هئا، صرف صلوات و سلام جي وقت اٿي بيهندا هئا ۞ سندن در تان ڪو به سوالي خالي نه ويندو هو.(1)

| | |
|---|---|
| حُسنِ سیرت سے مزیّن تھے امام احمدرضا | مُنفَرِد اُن کے خَصائل اور نِرالی تھی ادا |
| اُن کی جملہ خوبیوں پر خوبیوں کو ناز تھا | کیونکہ اُن کی زندگی کا مُنفَرِد انداز تھا |
| پیکرِ خُلق و مرَوَّت، ذات تھی قُدسی صِفات | عِطر آگیں اور پاکیزہ تھے اوراقِ حیات |
| پاک طِینَت، نیک خصلت،نرم دل،سادہ مزاج | حُسنِ کردار و عمل کا خوبصورت اِمتِزاج |
| تھے حَلِیمُ الطَّبع وہ، اِخلاق تھا کافی بلند | اِس لئےاہلِ محبّت اُن کو کرتے ہیں پسند |

الله پاڪ اسان کي به اهڙيون پياريون پياريون عادتون اپنائڻ، سنتون سکڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

[1]… فيضانِ اعلیٰ حضرت، صفحه:112، 113۔

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ◈ دِل ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ ◈صحابہ ۽ اهلِ بيت جو فيض حاصل ڪرڻ ◈غوث ۽ خواجہ جو فيض حاصل ڪرڻ ◈۽ امام احمد رضا جو فيض حاصل ڪرڻ لاءِ توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! خوب وڌي ڪري 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور تي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون **بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون**.

بيشڪ نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ان راهہ ۾ مشقت ڪٽڻ، انبياء جي سنت آهي: ◈ دين جو ڪم مشقتون سهي، قربانيون ڏئي ٿيندو آهي ◈انبياء ڪرام ◈ صحابہ ڪرام ◈ نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ گهرن ڪان ٻاهر نڪرندا هئا ◈ پري پري علائقن ۾ ويندا هئا ◈ هجرت ڪندا هئا ◈ ۽ مشقت سهي دين جو پيغام عام ڪندا هئا ◈ پهرين(اڳين) جي قربانين سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي بہ ان راهہ تي آهي: ◈ دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ لاءِ لکين عاشقانِ رسول مدني قافلي جي صورت ۾ ملڪ ملڪ، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ويندا آهن ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن. ◈ مدني قافلن جي برڪت سان ڪيترائي ڪافر ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي چڪا آهن ◈ لکن جي زندگي ۾ نيڪين جي بهار آئي آهي ◈ الحمد لله! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن.

توهان بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گهڻيون برڪتون ملنديون ◈مدني قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ◈سنتون سيکاريون وينديون آهن ◈ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ◈ نيڪي جي

دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿينديون ۞ مشڪلاتون ٽرنديون ۞ ۽ بيمارين کان شفا ملڻ جا به سوين واقعا آهن ۞اهو به ٿيو آهي ته مدني قافلي ۾ سفر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي حوصله افزائي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف آندائون ۽ قافلي ۾ شريڪ اسلامي ڀائرن کي ديدار جو جام پياري ڇڏيو.

اسان مدني قافلي ۾ سفر ڪريون، ڪهڙي خبر اسان تي به ڪرم ٿي وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪريو! اچو! ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## باغ جو جهولو

حيدرآباد جي هڪ محلّي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي هڪ ماڊرن نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي ته هن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ نالو لکرائي ڇڏيو. اجا قافلي ۾ سندس روانگي ۾ ڪجهه ڏينهن باقي هئا ته قضاءِ الٰهي سان سندس انتقال ٿي ويو. ڪنهن اهلِ خانه مرحوم کي خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو ته هو هڪ سرسبز باغ ۾ نهايت خوش آهي ۽ جهولو جهولي رهيو آهي. خواب ڏسندڙ ڪانئس پڇيو، هتي ڪيئن آيا آهيو؟ ان نوجوان جواب ڏنو: دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي سان آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي امڙ کي ٻڌائي ڇڏجو ته هو منهنجو غم نه ڪري، مان هتي تمام گهڻو سڪون سان آهيان.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
پاؤگے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪلام رضا“ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلحَمۡدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي **I.T** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان مختلف ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، هنن ۾ هڪ ايپلي ڪيشن آهي: **Klam-e-Raza** (ڪلامِ رضا). هن ايپلي ڪيشن ۾ امام اهل سُنت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه جو مشهور زمانہ نعتيہ مجموعو حدائق بخشش کي حروفِ تهجي جي ترتيب تي شامل ڪيو ويو آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ پنهنجو مطلوبہ ڪلام سرچ (**search**) ڪرڻ ✽ مخصوص ڪلامن کي آڊيو ويڊيو ۾ ٻڌڻ ڏسڻ ✽ ۽ پسنديده ڪلامن کي فيورٽ (**Favorite**) ڪري الگ سان محفوظ ڪرڻ جي سهولت بہ موجود آهي. ✽ هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل (**Madani Chanal**)تي هلڻ واري سلسلي نغماتِ رضا (جنهن ۾ حدائق بخشش جي منتخب ڪلامن جي شرح بيان ڪئي وئي آهي ان) کي بہ شامل ڪيو ويو آهي ✽ مڪمل ڪلام يا منتخب شعر کي سوشل ميڊيا (**Social Media**) تي آساني سان شيئر ڪري سگهجي ٿو. هن ايپ کي ڊائون لوڊ ڪيو ۽ پنهنجي دل کي الله پاڪ جي آخري نبي رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ روشن ڪيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## چند ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! عظمتن واري، فضيلتن واري، برڪتن واري، شانن واري مبارڪ مهيني ربيع الاوّل شريف جي آمد بس ٿيڻ ئي واري آهي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! عاشقان رسول پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا. هن مبارڪ مهيني ۾ جشن ولادت ملهائڻ

سان گڏوگڏ پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سيرت جو مطالعو به لازمي ڪريو! ❁ الحمدلله! مڪتبة المدينہ المدينة العلميہ طرفان آسان اردو ۾ لکيل تمام پيارو ۽ مختصر ڪتاب "آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري سيرت" ۽ امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تحرير ڪيل رسالو "صبح بهاران" ڪي شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. اج ئي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان ڪتاب "آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري سيرت" 180 روپيہ ۽ رسالو صبح بهاران28 روپيا قيمت ڏئي طلب ڪريو.

شعبي تقسيمِ رسائل طرفان ربيع الاوّل ۾ پيش ڪيو پيو وڃي تمام ئي پيارو "فيضانِ ميلاد پيڪيج" جنهن ۾ 9 وڏا، 2 ننڍا رسالا ۽ پمفليٽ شامل آهن. هي پيڪيج مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به برانچ مان صرف 200 روپين ۾ قيمت ڏئي طلب ڪريو.

جلوس ميلاد ۾ ❁ موٽرسائيڪل ❁ گاڏين ❁ بارن ❁ ۽ وڏن جي هٿن ۾ جهولائڻ لاءِ مختلف سائزن جا مدني جهنڊا مڪتبة المدينہ تان قيمتاً طلب ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدار رسالت،شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیْ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حسنِ اخلاق سُنّتِ مصطفیٰ آهي

[1] ...مشکوٰة،ڪتابُ:الْايمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم :(1) ايمان ۾ وڌيڪ ڪامل اُهي آهن جن جا اخلاق سٺا هجن[1] (2) حسنِ اخلاق ڪان بهتر مسلمان کي ڪا به شيءِ ناهي ڏني وئي[2].

اي عاشقانِ رسول! حسنِ اخلاق سنتِ مصطفيٰ آهي. ❁ حضورِ اقدس صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ هر ڪنهن سان خوش اخلاقي ۾ ملنساري وارو ورتاءُ فرمائيندا هئا. نه ڪڏهن دڙڪا ڏيندا نه ئي جهڙڪيندا هئا ❁ صحابہ ڪرام رضی اللہ عنهم کي ڏسي مرڪندا، انهن سان، ۽ انهن جي ٻارن سان خوش طبعي فرمائيندا، ٻارن کي پنهنجي مبارڪ هنج ۾ ويهاريندا هئا. ❁ مريضن جي عيادت فرمائيندا هئا. ❁ مجلس ۾ ڪڏهن به پير ڊگهيڙي نه ويهندا هئا. ❁ سلام ۾ اڳرائي فرمائيندا هئا ❁ هر ڪنهن کي سٺي نالي سان سڏيندا هئا ❁ ٻئي جي ڳالهه نه ڪٽيندا هئا.

الله پاڪ اسان کي به اخلاقِ مصطفيٰ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بنا دو صبر و رضا کا پیکر | بنوں خوش اخلاق ایسا سرور
رہے سدا نرم ہی طبیعت | نبیِّ رحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر پڻ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بسر
جو بھی شیدائی ہے مدنی قافلوں کا یاخدا! دوجہاں میں اُس کا بیڑا پار فرما یاخدا!

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] ...ابو داود، کتاب السنہ، باب دليل علی زيادة الايمان، صفحہ:737حديث: 4682۔
[2] شعب الايمان، باب فی حسنِ خلق، جلد:6، صفحہ:235، حديث:7992۔